8

پيار جي جيت

شري تيرٿ سيٿاڻيءَ جو جنم ٢٦ فيبروري سنہ ١٩٠٦ع ۾ سنڌ جي اتهاسڪ شهر لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هي صاحب سنو نٽر نويس ۽ سڪل پترڪار به هو. هي سوتنترتا سنگرامي ۽ سچو گانڌيوادي هو. سندس سڪيادائڪ جيون اپيوگي مضمونن جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿيا. هي صاحب ”هندستان سنڌي روزاني ۽ هندواسي“ هفتيوار مغزن جو سمپادڪ ٿي رهيو. هن سبق ۾ ليکڪ ٻڌايو آهي تہ دشمنن تي دیا ڪري پيار ڏجي تہ هو پاڻيهي پنهنجو ٿي ويندو.

ٻڌو، پڙهو ۽ سمجهو.

هڪ ڀيري گوتم ٻڌ جي ششن جو ڪنهن ٻالهہ تان پاڻ ۾ اَچي متيبد ٿيو. ٻالهہ جو نبيرو ڪرڻ لاءِ گوتم ٻڌ ششن کي سڏ ڪري کين هينين ڪٿا ٻڌائي.

هڪ دفعي ڪاشيءَ جو راجا برهمدت ڪوسل جي راڄ تي چڙهائي ڪري ويو. اُتي جو راجا پاڻ کي اَهڙي جبري دشمن اَڳيان پاڻ کي اَسمرٿ سمجهي، منهن لڪائي ڪيڏانهن نڪري ويو. پر برهم-دت پنهنجا ماڻهو پنيائنس چاڙهي موڪليا، جي ڪيس جهلي راجا برهم-دت اَڳيان وٺي آيا هن فيصلو ڏنو تہ ڪيس ڪاسيءَ تي چاڙهيو وڃي.

مقرر ڏينهن مقرر وقت تي ڪوسل جي راجا کي قاسيءَ تي چاڙهڻ لاءِ وٺي آيا. اُن ويل راجا پنهنجي پٽ کي پرهوڊ ڏنو ته ٻڌا، ”ويرَ سان ويرَ ڪاڏا نه ٿيندو آهي. اِئين ڪرڻ سان مورڳو ئي اِهو وڌندو آهي، پر ويرَ تياڳڻ سان ئي ويرَ ختم ٿيندو آهي.“ خير پيءُ جي قاسي چڙهڻ ڪري پٽ جو رت ٽهڪڻ لڳو ۽ هوءُ اُن جو بدلو وٺڻ جا گهات گهڙڻ لڳو. اِنهيءَ نيت سان هو ويس مٽائي، ڪاشيءَ جي راجا وٽ اچي نوڪريءَ ۾ گهڙيو ۽ راجا جو رٿوان بڻيو.

”هڪ ڏينهن راجا پنهنجي اَميرن سان گڏ شڪار تي نڪتو. اِتفاق اَهڙو اَچي بڻيو جو شڪار ڪندي راجا اَميرن جي اَڻالي ڪان اَڳڙ تي ويو. راجا کي هيئن اَڪيلو ڏسي، رٿوان (راجڪمار) کي پيءُ جي ويرَ پاڙڻ جو ويچار دل تي تري آيو. هن ميان مان تلوار ڪڍڻ لاءِ هٿ وڌايو ته ڪيس يڪدم پيءُ جا پويان اَچر ياد آيا. ويرَ سان ويرَ شانت ٿيڻ ۽ سندس هٿ هڪدم رڪجي ويو. نيٺ اُن وقت راجا رٿوان کي چيو، ”اَلائجي ڇو ڪجهه ڏينهن نند ۾ پيو ڏسان ته ڪوسل جي راجا جو پٽ منهنجي ڇاتيءَ تي چڙهيو وينو آهي ۽ هٿ ۾ تلوار اَڻس. تنهن سان مونکي ختم ڪرڻ ڏو ڇاهي. اِنهيءَ تي رٿوان راجا کي دلداري ڏيندي چيو، راجن اَوهين اِنهيءَ جو ڪو اُلڪو ئي نه ڪريو. اِهو راجڪمار مان ئي آهيان. منهنجو پيءُ مرڻ مهل مونکي جيڪا هدايت ڪري ويو آهي اِهو پالڻ جو مون پڪو نشچيہ ڪيو آهي، ته ويرَ تياڳڻ سان ئي ويرَ شانت ٿيڻ ڏيءُ ڪداچت اَوهان جو وار ونگو نه ڪندس. راجا برهم-دت راجڪمار جي تياڳ درشتي ۽ اُدارتا ڏسي گهڻو پرسن ٿيو ۽ واپس موٽڻ تي ڪيس نه رڳو پيءُ جو راڄ پاڳ موٽائي ڏنائين، پر ڪيس پنهنجي ڪنيا سان شادي پڻ ڪرايائين.

”هن سنسار ۾ ڏڪار ڪڍهن ب ڏڪار سان ختم ڪين ٿي ٿئي. ڏڪار، پريم سان ئي ناس ٿئي ٿي. منش غصي تي قرب سان ئي غالب پئجي سگهندو ۽ بُرائيءَ تي ڇڪائيءَ سان، ڪير دشمني رکي ۽ موت ۾ اُن سان دشمني رکجي ته اَڳلي کي وڌيڪ غصو چڙهندو. هوءُ ويرَ وڌڻ لاءِ وڌيڪ رٿون رٿيندو ۽ گهات گهڙيندو. اِئين دشمني بنهي طرف وڌندي ۽ بنهي کي پيو جوکم رسندو. جيڪڏهن دشمني يا ويرُ وروڌ رکندڙ سان پريم پريو ورتاءُ ڪبو، ساڻس قرب سان هلبو ته اوس اُهو پريم سندس هردي اَندر گهڙي ويندو ۽ دشمنيءَ جو نالو نشان ب اَندر ۾ ڪين رهندو. جيئن ڪاشيءَ جي راجا جي دل ۾ ڪوسل جي راجڪمار لاءِ پريم اُتپن ٿيو ۽ ڪيس راڄ واپس ڏنائين. نيڪيءَ جي موت ۾ نيڪي ئي ملندي.

نوان لفظ

شش - پوئلڳ، چيلو
اُلڪو - فڪر، اونو
ويل - وقت
ڏڪار - نفرت

تياڳڻ - ڇڏڻ، قربان ڪرڻ
رٿوان - رٿ کي هلائيندڙ
ڪداچت - ڪڍهن ب نه

جبر - مضبوط، طاقتور
اسمرٿ - ڪمزور
ويرَ - دشمني

اصطلاح

(۱) دلداري ڏيڻ - آڌت ڏيڻ
(۲) جوکم رسڻ - نقصان پوڻ
(۳) وار ونگو نه ٿيڻ - ڪجهه ب نقصان نه پهچڻ
(۴) پرهوڊ ڏيڻ - نصيحت ڏيڻ
(۵) نبيرو ڪرڻ - فيصلو ڪرڻ

اَپياس

سوال.۱. هيٺين سوالن جا جواب لکو.

۱) راجا برهمدت ڪنهن تي چڑهائي ڪئي؟

۲) ڪوسل جي راجا لاءِ ڪهڑي سزا مقرر ڪئي ويئي؟

۳) ڪوسل جي راجا جي پٽ ڪاشيءَ جي راجا وٽ نوڪري ڇو اَچي ڪئي؟

۴) راجا رٿوان کي ڇا چيو؟

سوال.۲. هيٺين جا ٿوري ۾ جواب ڏيو.

۱) بڌ پيڱوان ششن کي ڪنهن جي ڳالهه ٻڌائي ۽ ڇو؟

۲) راجڪمار کي ويرونڌ جو ڪهڑو وڃهه ملیو ۽ ڪڏهن؟

سوال.۳. (الف) هيٺين جا ساڳي معنيٰ وارن لفظن جا جوڑا ملايو.

(1) قرب	(1) وقت
(2) نيڪي	(2) اونو
(3) اُلکو	(3) ساراهه
(4) ويل	(4) پيار

(ب) هيٺ ڏنل لفظن جا ضد لکو.

راجا، دشمن، پريم، اندر، ختم

(ٽ) وياکرڻ موجب ڳالهائڻ جا لفظ سڃاڻو.

سان، نڪتو، تلوار، ۽، نيڪي، اُن

(د) هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.

(۱) دلداري ڏيڻ (۲) وار ونگو نہ ٿيڻ (۳) جوکم رسڻ (۴) نبيرو ڪرڻ

(ف) هيٺين لفظن جون صفتون ٺاهيو.

هٿ، برائي، قرب، نيڪي، دُشمني

پورڪ اَپياس

۱. ٽڪر تي عملي ڪم

هن سنسار ۾ ڏکار ..... موت ۾ نيڪي ئي ملندي.

(الف) ٽڪر مان جواب ڳولهيو.

پريم	←	ضد	←	
پريم	←	ساڳي معنيٰ وارو لفظ	←	
دشمني	←	ساڳي معنيٰ وارو لفظ	←	
برائي	←	ضد	←	

(ب) برڪيٽ ۾ ڏنل هدايتن موجب جملا لکو.

۱) نيڪيءَ جي موت ۾ نيڪي ئي ملندي.
(ليک ڏنل لفظ گرامر موجب سڃاڻي لکو.)

۲) ڪاشيءَ جي راجا جي دل ۾ ڪوسل جي راجڪمار لاءِ پريم اُتپن ٿيو.
(ليک ڏنل لفظ کي آڻي نئون جملو ناهي لکو)

۳) منش غصي تي قُرب سان ئي غالب پئجي سگھندو.
(”جيڪڏھن“ لفظ سان شروع ڪري جملو وري لکو)

۴) ڏکار، پريم سان ئي ناس ٿئي ٿو.
(ليک ڏنل لفظ گرامر موجب سڃاڻي لکو)

(ب) جوڑا ملايو.

(1) جوکم رسڻ	(i) چائنجي وڃڻ
(2) گھات گھڙڻ	(ii) نقصان پھچڻ
(3) غالب پوڻ	(iii) سازش ٺڻ

(پ) هيٺ ڏنل چوڪنديءَ ۾ ڪجھ لفظ ڏنل آھن اُنھن مان شفي (Positive) ۽ نفي (Negative) لفظ ڳولھي خاڪو ناهي لکو.

ڏکار، ويڑ، پريم، جوکم، قرب، نيڪي، ختم، ناس، بُرائي، چڱائي

شفي لفظ (Positive)	
نفي لفظ (Negative)	

۲. گوتم بڌ جي ڪا بي ڪھاڻي يا قصو پڙھو ۽ ڪلاس ۾ پنھنجي لفظن ۾ اَڇي بڌايو.

۳. مان ۽ منھنجو دوست / ساھيڙي اِسڪول مان موڪي رھيا ھئاسين تہ ..... قصو / گھٽنا پوري ڪريو.

۴. اُھو ڪر جو مينھن وسندي ڪم اَڇي، اِھا اُپڪار سمجھايو.

يَڱُت ڪنوَررامُ

پڙھو ۽ ٻڌايو.

سنت ڪَنوَررامُ سِنڌ جو مشھوُر يڱت ھو. ھُن جي پِتا جو نالو تاراچند ۽ ماتا جو نالو تيرَٿ بائي ھو.

ھِڪ دفعي ڪنوررامُ يَڱت ڪري رھيو ھو تہ ھِڪ شاھوُڪار ڏاڍيءَ شرڌا وِچان حَلوي جون ٻہ پيتيوُن، ھِڪُ سؤ روُپيا روڪَ ۽ ھِڪُ ريشمي وَڳو سندس اَڳيان رکيو ۽ ھَٿ ٻَڌي عرضُ ڪيائينس؛ ’سائين، ھي وَڳو توھان جي گھر واريءَ لاءِ آھي.‘

يڱت صاحب اُھي شيوُن ھِڪ پاسي رکيوُن ۽ يڱت وِجھندو رھيو. ڪُجھ وقت بعد ٻُڌندڙن ۾ اُتي ئي حلوو وِرھائي ڇڏيائين. سندس پاڙي ۾ ھڪ غريب مائي رھندي ھُئي جنھن جي ڏيءُ جي شادي ٿيڻي ھُئي تنھن ڪري ڪنوَرَ سؤ روُپيا اُن مائيءَ ڏانھن ڏِياري موڪليا. نيڪُ اُن مھل ھڪ مستاني عوَرت اُتي آئي ۽ ڪيس چيائين؛ يڱت صاحب، سُپاٽي عيد آھي. مُنھنجا ڪپڑا ڦاٽي وِيا آھن. مونکي ھڪُ نئون وَڳو وَڻي ڏيو! يڱت صاحب اُھو ريشمي وَڳو اُن مستانيءَ کي ڏيئي ڇڏيو. ھوءَ خوش ٿي ڪيس دُعائوُن ڪندي هلي ويئي.

اَھڙو ھو نِرموھي يڱت ڪنوَررامُ!

- شاگرد ڏيان سان پڙھندا. يڱت ڪنوررام جا ٻيا قصا، آکاڻيون پڙھي اَڇي ڪلاس ۾ ٻڌائيندا.

بئنڪ

ڏسو، جاچيو ۽ ٻڌايو.

- ماستر شاگردن کي نزديکي بئنڪ ۾ وٺي وڃي اُن جي الڳ الڳ ڪمن، ڪاتن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ همٿائيندو.
- شاگرد بچت جي اهميت / ڦڙي ڦڙي ٿلاءُ اِن وشيہ تي پنهنجا ويچار لکي ايندا.
- بئنڪ مئنيجر ۽ گراهڪ وچ ۾ گفتگو لکو.